SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2017
# SINDH ACT NO.III OF 2017
# سنڌ ٻارن جي ملازمت تي پابندي ايڪٽ، 2017
# THE SINDH PROHIBITION OF EMPLOYMENT OF CHILDREN ACT, 2017

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان، واڌ ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ملازمت تي پابندي
Prohibition of employment

4. شيڊول جي ترميم
Amendment of schedule

5. ٻارن جي پورهيي تي صوبائي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي
Provincial Coordination Committee on Child Labour

6. پارٽ III جو نفاذ
Application of Part III

7. ڪلاڪ ۽ ڪم جو عرصو
Hours and period of work

8. هفتيوار موڪلون

Weekly Holidays

9. انسپيڪٽر کي نوٽيس

Notice to Inspector

10. عمر بابت تڪرار

Disputes as to age

11. رجسٽر جي مينٽيننس

Maintenance of registrar

12. دفعہ 3 ۽ 14 جو تت رکندڙ نوٽيس لڳائڻ

Display of notice containing abstract of Section 3 and 14

13. مخصوص قانونن جو نفاذ

Application of certain Laws

14. ڏنڊ

Penalties

15. ڏوهہ جو ٽيڙ

Abetment to an offence

16. ڏنڊن جي سلسلي ۾ مخصوص قانونن جو ترتيب ڏنل نفاذ

Modified Application of Certain Laws in Relation to Penalties

17. ڏوهن بابت طريقيڪار

Procedure relating to offences

18. انسپيڪٽرز جي مقرري

Appointment of Inspectors

19. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

20. منع نہ ڪيل قانونن جون ڪجهہ ٻيون گنجائشون

Certain other provisions of la not barred

21. رنڊڪون هٽائڻ جو اختيار

Power to remove difficulties

22. ٻار يا نابالغ جي تعليم جي حوالي سان قبضو رکندڙ جي ذميداري

Responsibility of the occupier towards education of child or adolescent

23. متڀيد خلاف تحفظ

Protection against discrimination

24. منسوخ ۽ محفوظ

Repeal and Saving

# سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريہ 2017
# SINDH ACT NO.III OF 2017
# سنڌ ٻارن جي ملازمت تي پابندي ايڪٽ، 2017
# THE SINDH PROHIBITION OF EMPLOYMENT OF CHILDREN ACT, 2017

[22 مارچ 2017]

ايڪٽ جنھن ذريعي ٻارن جي ملازمت تي پابندي ۽ مختلف شعبن ۾ ڪمن ۾ نابالغن جي ملازمت جو انتظام ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ٻارن جي ملازمت تي پابندي ۽ مختلف شعبن ۾ ڪمن ۾ نابالغن جي ملازمت جو انتظام ڪرڻ سان گڏ لاڳاپيل معاملن ۾ قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي.

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان، واڌ ۽ شروعات
Short title, extent and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ ٻارن جي ملازمت تي پابندي ايڪٽ، 2017 سڏيو ويندو.

(2)ان جي سڄي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

(3)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2.(1)هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i)"نابالغ" مطلب اهو فرد جنھن پنھنجي عمر جا چوڏنھن سال پورا ڪيا هجن پر ارڙهن سال پورا نہ ڪيا هجن؛

(ii)"ٻار" مطلب جنھن پنھنجي عمر جا چوڏنھن سال پورا نہ

ڪيا هجن؛

(iii) ”ڏينهن“ مطلب اڌ رات کان شروع ٿيندڙ چوويهه ڪلاڪن جو عرصو؛

(iv) ”اسٽيبلشمينٽ“ مطلب ڪو انڊسٽريل، ڪمرشل يا ايگريڪلچرل اسٽيبلشمينٽ، مائين، بزنس، ٽريڊ، انڊرٽيڪنگ، مينوفيڪچر ۽ ورڪ پليس جتي ڪا معاشي سرگرمي ٿي رهي هجي، ۽ جنهن ۾ شامل آهن خيراتي ۽ ڀلائي واريون تنظيمون، پوءِ اهي منافعي لاءِ هلنديون هجن يا ٻئي مقصد لاءِ ۽ ٻي ڪا اسٽيبلشمينٽ، اسٽيبلشمينٽس جو درجو يا حڪومت طرفان آفيشل گزيٽ ۾ وقتي طور بيان ڪيل ڪم جي جاءِ؛

(v) ”فيڪٽري“ مطلب فيڪٽريز ايڪٽ، 2015 تحت بيان ڪيل فيڪٽري (2016 جو ايڪٽ نمبر XIII)، پر ان ۾ شامل ناهي مائين، آپريشن آف مائينس ايڪٽ، 1923 تحت (1923 جو نمبر IV)؛

(vi) ”ڪٽنب“ آڪيوپاير سان لاڳاپي جي سلسلي ۾، مطلب اڪيلو زال يا مڙس، جيئن معاملو هجي، اهڙي اڪيلي جو ۽ انهن جا ٻار، پاءُ يا پيڻ اهڙي انڊيويجوئل جا؛

(vii) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(viii) ”ٿڪائيندڙ ڪم“ مطلب ڪم جيڪو پنهنجي نوعيت موجب يا حالتن موجب جن تحت اهو ڪيو ويندو آهي، صحت، تحفظ يا ٻارن جي اخلاق کي نقصان يا تڪليف پهچائيندڙ آهي ۽ جنهن ۾ شامل آهن شعبا ۽ طريقا جيڪي شيڊول ۾ بيان ڪيل آهن؛

(ix) ”انسپيڪٽر“ مطلب مڪمل طور مقرر ڪيل عملدار ۽

جيڪو حڪومت طرفان هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ انسپيڪٽر طور بيان ڪيو ويو هجي؛

(x)"هلڪو ڪم" مطلب ڪم جيڪو صحت لاءِ نقصانڪار نہ هجي يا ڪم ڪندڙ ٻار جي جسماني يا ذهني نشونما کي متاثر تي نہ ڪري ۽ جنهن ۾ شيڊول ۾ ڄاڻايل سرگرميون ۽ طريقا شامل آهن؛

(xi)"مائين" مطلب ڪا استيبلشمينٽ جيڪا مائينس ايڪٽ، 1923 (1923 جي نمبر IV) موجب اهڙيءَ ريت ڄاڻائي وئي هجي؛

(xii)"آڪيوپاير" استيبلشمينٽ جي سلسلي ۾، مطلب ماڻهو جيڪو سڌيءَ ريت يا اڻ سڌيءَ ريت مزدور رکي ٿو؛

(a)اڪيلي جي صورت ۾، هڪ وارث، ڇڏيندڙ ايڊمنسٽريٽر يا اسائن؛ ۽

(b)ڪو ماڻهو جنهن کي استيبلشمينٽ جي معاملن تي مڪمل ضابطو هجي (پوءِ کڻي بہ نالي سان اهو سڏيو وڃي)؛

(xiii)"پورٽ اٿارٽي" مطلب پورٽ سنڀاليندڙ اختياري؛

(xiv) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ جي قاعدن موجب بيان ڪيل؛

(xv) "شيڊول" مطلب هن ايڪٽ سان لڳل شيڊول؛

(xvi) "هفتو" مطلب خميس جي رات کان شروع ٿيندڙ ستن ڏينهن جو عرصو يا اهڙي ٻي ڪا رات جنهن جي حڪومت طرفان مخصوص ايراضي لاءِ منظوري ڏني وئي هجي؛

(xvii)"ورڪشاپ" مطلب ڪو احاطو (بشمول ان سلسلي ۾ چوديواري جي) جتي ڪو صنعتي ڪم ڪيو ويندو آهي، پر

ان ۾ ڪا فيڪٽري شامل نہ هجي.

## حصو II

### تڪليف ڏيندڙ ڪم ۾ ٻارن جي ملازمت تي پابندي ۽ نابالغن جي ملازمت تي پابندي

**ملازمت تي پابندي**
**Prohibition of employment**

3.(1)ڪنهن بہ ٻار کي ڪنهن اسٽيبلشمينٽ ۾ نہ لڳايو ويندو يا ڪم جي اجازت نہ ڏني ويندي.

(2)ڪنهن بہ نابالغ کي شيڊول ۾ موجود تڪليف ڏيندڙ ڪم ۾ نہ لڳايو ويندو يا ڪم جي اجازت نہ ڏني ويندي.

**شيڊول جي ترميم**
**Amendment of schedule**

4.حڪومت، آفيشل گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي وقت بہ وقت شيڊول ۾ ترميم ڪري سگهي ٿي ۽ ان سلسلي ۾ شيڊول نوٽيفڪيشن واري تاريخ کان ٽئين مهيني ترميم ڪيو ويندو.

**ٻارن جي پورهيي تي صوبائي ڪوآرڊينيشن ڪميٽي**
**Provincial Coordination Committee on Child Labour**

5.(1)حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪميٽي جوڙي سگهي ٿي جنهن کي ٻارن جي پورهئي بابت سنڌ ڪوآرڊينيشن ڪميٽي سڏيو ويندو. جيڪا حڪومت کي ٻارن جي پورهئي بابت مخصوص قانون سازي، انتظامي ۽ ٻيا خاتمي جا اپاءَ وٺڻ لاءِ صلاح مشورا ڏيندي ۽ عالمي قانون موجب قدم کڻڻ ۽ صوبي ۾ ملازمت جي مقصد لاءِ گهٽ ۾ گهٽ عمر جو تعين ڪرڻ ۾ صلاح مشورو ڏيندي.

(2)ڪميٽي چيئرپرسن ۽ گهٽ ۾ گهٽ 9 ٻين ميمبرز جيڪي حڪومت، سرمائيدارن، پورهيتن، سول سوسائٽي مان هوندا ۽ بہ سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جا ميمبرز جيڪي سنڌ جي صوبائي اسيمبلي جي اسپيڪر طرفان نامزد ڪيا ويندا.

## حصو III

### نابالغن جي ڪم جون شرطون جوڙڻ

پارٽ III جو نفاذ
Application of Part III

6.هن حصي جون گنجائشون اسٽيبلشمينٽ تي لاڳو ٿينديون يا اسٽيبلشمينٽس جي درجي تي جن ۾ دفعہ 3 جي ذيلي دفعہ (2) ۾ ڄاڻايل ڪو بہ ڌنڌو يا ڪم نہ ڪيو ويندو هوندو.

ڪلاڪ ۽ ڪم جو عرصو
Hours and period of work

7.(1)ڪنهن بہ بالغ کان اسٽيبلشمينٽ ۾ ڪم نہ ورتو ويندو يا ڪم جي اجازت نہ ڏني ويندي اهڙي ميمبر جي ڪلاڪن لاءِ جيئن اهڙي اسٽيبلشمينٽ يا اسٽيبلشمينٽس جي درجي لاءِ بيان ڪيو ويو هجي.

(2)هر ڏينهن ڪم جو عرصو اهڙيءَ ريت طئي ڪيو ويندو جو ڪو بہ عرصو ٽن ڪلاڪن کان وڌيڪ نہ هوندو ۽ ڪو بہ نابالغ ٽن ڪلاڪن کان وڌيڪ ڪم نہ ڪندو، ان کان اڳ جو ان کي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ جو وقفو نہ ڏنو وڃي.

(3)نابالغ جي ڪم جو عرصو اهڙيءَ ريت جوڙيو ويندو جو آرام واري وقفي سميت، ذيلي دفعہ 2 تحت، اهو ست ڪلاڪن کان وڌيڪ نہ هوندو، بشمول ڪنهن ڏينهن تي ڪم جي انتظار ۾ گذريل وقت جي.

(4)ڪنهن بہ نابالغ کان 7.00 وڳي شام کان 8.00 وڳي صبح جي وچ ۾ ڪم جي اجازت نہ هوندو يا ڪم نہ ورتو ويندو.

(5)ڪنهن بہ نابالغ کي اوور ٽائيم ڪرڻ جي اجازت نہ هوندي يا ڪم ڪرڻ نہ ڏنو ويندو.

(6)ڪنهن بہ نابالغ کي ڪنهن اسٽيبلشمينٽ ۾ ڪم نہ ورتو ويندو يا ڪم جي اجازت نہ ڏني ويندي ان ڏينهن تي جنهن ڏينهن ان اڳواٽ ڪنهن ٻي اسٽيبلشمينٽ ۾ ڪم ڪيو هجي.

هفتيوار موڪلون

8.اسٽيبلشمينٽ ۾ ملازمت تي رکيل هر نابالغ کي هر هفتي

Weekly Holidays

هڪ پورو ڏينهن موڪل جي اجازت هوندي، جيڪو ڏينهن مالڪ طرفان اسٽيبلشمينٽ ۾ مستقل طور تي نوٽيس لڳائڻ ذريعي بيان ڪيو ويندو ۽ اهڙيءَ ريت بيان ڪيل ڏينهن مالڪ طرفان ٽن مهينن ۾ هڪ دفعي کان وڌيڪ تبديل نہ ڪيو ويندو.

انسپيڪٽر کي نوٽيس
Notice to Inspector

9.(1)هر مالڪ اسٽيبلشمينٽ جي سلسلي ۾ جنهن ۾ ڪو نابالغ رکيو ويو آهي يا هن ايڪٽ جي شروعات کان فوري اڳ اجازت ڏني وئي آهي تہ اهڙي اسٽيبلشمينٽ اهڙي شروعات جي ٽيهن ڏينهن جي عرصي اندر، لاڳاپيل انسپيڪٽر کي جنهن جي حدن ۾ استبلشمينٽ واقع آهي، هيٺين تفصيلن تي مشتمل لکت نوٽيس اماڻيندي، يعني:

(a)نالو هنڌ ۽ اسٽيبلشمينٽ جو پتو،

(b)اسٽيبلشمينٽ جي حقيقي مينيجمينٽ ۾ شخص جو نالو،

(c)پتو جنهن تي اسٽيبلشمينٽ سان لاڳاپيل خط و ڪتابت اماڻي ويندي؛ ۽

(d)اسٽيبلشمينٽ ۾ ٿيندڙ ڌنڌي يا ڪم جو قسم.

(2)هڪ اسٽيبلشمينٽ جي سلسلي ۾ هر مالڪ، جيڪو هن ايڪٽ جي شروعات ٿيڻ واري تاريخ کانپوءِ ڪنهن بالغ کي ملازمت تي رکي ٿو يا ڪم جي اجازت ڏئي ٿو تہ اهڙي اسٽيبلشمينٽ اهڙي ملازمت جي تاريخ کان ٽيهن ڏينهن جي عرصي دوران انسپيڪٽر کي جنهن جي مقامي حدن ۾ اسٽيبلشمينٽ واقع آهي، لکت ۾ نوٽيس ذريعي ذيلي دفعہ (1) ۾ ڄاڻايل تفصيل اماڻيندو.

(3)دفعہ 7، 8 ۽ 9 ۾ شامل ڪجهہ بہ ڪنهن اسٽيبلشمينٽ تي لاڳو نہ ٿيندو، جتي مالڪ ڪٽنب جي مدد سان ڪم وٺي

رهيو هجي يا ڪو اسڪول حڪومت طرفان هنر سکڻ لاءِ قائم ڪيو مدد ڪئي يا سچاٽپ ڏني وئي هجي.

| | |
|---|---|
| 10.جيڪڏهن انسپيڪٽر ۽ مالڪ وچ ۾ ٻار يا نابالغ جي عمر بابت ڪو سوال اٿي ٿو جنهن ڪي سندس پاران اسٽيبلشمينٽ ۾ ڪم جي اجازت ڏني وئي آهي يا ملازمت تي رکيو ويو آهي، تہ سوال اهڙي ٻار جي عمر بابت ڄاڻايل ميڊيڪل اختياري طرفان جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ جي غير موجودگيءَ ۾ معاملو انسپيڪٽر طرفان فيصلي لاءِ ڄاڻايل ميڊيڪل اٿارٽي ڏانهن اماڻيو ويندو. | عمر بابت تڪرار Disputes as to age |
| 11.هر مالڪ طرفان ڪنهن اسٽيبلشمينٽ ۾ نابالغ جي ملازمت تي رکڻ يا ڪم جي اجازت ڏيڻ جي سلسلي ۾ رجسٽر رکيو ويندو. جنهن جي ڪم وارن ڪلاڪن دوران سمورن وقتن تي انسپيڪٽر طرفان جاچ لاءِ دستياب ڀڻايو ويندو: | رجسٽر جي مينٽيننس Maintenance of registrar |

(a)اهڙيءَ ريت ملازمت تي رکيل يا ڪم جي اجازت ڏنل هر نابالغ جو نالو ۽ ڄم جي تاريخ؛

(b)اهڙي نابالغ جي ڪم جا ڪلاڪ ۽ عرصا ۽ ان جي آرام جا وقفا جيڪي ان کي مليل آهن؛

(c)اهڙي ڪنهن نابالغ جي ڪم جي نوعيت؛ ۽

(d)اهڙا ٻيا تفصيل جيڪي بيان ڪيا ويا هجن.

| | |
|---|---|
| 12.هر مالڪ نوٽيس لاءِ مخصوص مناسب ۽ موزون جڳهہ تي دفعات 3 ۽ 14 جي تت موجب سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ نوٽيس لڳائيندو. | دفعہ 3 ۽ 14 جو تت رکندڙ نوٽيس لڳائڻ Display of notice containing |

## حصو IV

## متفرقات

| | |
|---|---|
| abstract of Section 3 and 14 | |
| مخصوص قانونن جو نفاذ<br>Application of certain Laws | 13.(1)ويجز جي ادائگي ايڪٽ، 1936، سنڌ گهٽ ۾ گهٽ ويجز ايڪٽ، 2015، سنڌ ايمپلائيز سوشل سڪيورٽي ايڪٽ، 2016، سنڌ ورڪرز ڪمپينسيشن ايڪٽ، 2015، سنڌ ايمپلائيز اولڊ ايج بينيفٽس ايڪٽ، 2014 ۽ سنڌ ٽرمز آف ايمپلائمينٽ (اسٽينڊنگ آرڊرز) ايڪٽ، 2015 جون سموريون گنجائشون نابالغ پورهيتن تي بيان ڪيل مفهوم موجب لاڳو هونديون؛<br>(2)حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي گنجائشن ڪي هن حصي موجب نابالغ پورهيتن تائين وڌائي سگهي ٿي. |
| ڏنڊ<br>Penalties | 14.(1)جيڪو بہ ذيلي دفعہ (1)3 جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڪو ٻار ملازمت تي رکي ٿو تہ اهو قيد جي سزا لائق هوندو جيڪا ڇهہ مهينن تائين وڌي سگهي ٿي يا ڏنڊ جيڪو پنجاهہ هزارن تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.<br>بشرطيڪ جيڪڏهن ڪو ٻار تڪليف ڏيندڙ ڪم ۾ ملازمت تي رکيل آهي تہ ڏنڊ هڪ سئو هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو پر ڏهہ هزار رپين کان گهٽ نہ هوندو ۽ قيد جي سزا جيڪا ٽن سالن تائين وڌي سگهي ٿي:<br>بشرطيڪ وڌيڪ تہ جيڪڏهن ٻار يا بالغ ملازمت تي رکيل آهي:<br>(a)ڪو بہ قسم نوڪري جو يا نوڪري جهڙي ٻي ڪا مشق، جهڙوڪ ٻارن يا نابالغن جو وڪرو يا ٽريفڪنگ، قرض تي پورهيو، جبري ۽ زبردستي -يا لازمي پورهيو بشمول جبري يا |

لازمي ٻارن يا نابالغن جي هٿياربند ويڙهه ۾ ڀرتي؛
(b)ٻارن يا نابالغن جو جسم جي وڪري لاءِ استعمال، فراهم ڪرڻ يا آڇڻ، پورنوگرافي جي پروڊڪشن لاءِ يا پورنوگرافڪ پرفارمنسز جي مقصد لاءِ؛
(c)ٻار يا نابالغ جي غير اخلاقي سرگرمين ۾ استعمال، فراهمي يا آڇڻ، خاص طور منشيات جي پيداوار ۽ منتقلي جي مقصد لاءِ؛
ڏنڊ ڏهه سئو هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو پر ٻه سئو هزار رپين کان گهٽ نه هجي ۽ قيد جي سزا ڏهن سالن تائين وڌي سگهي ٿي پر پنج سالن کان گهٽ نه هجي.
(2)جيڪو به ڪنهن نابالغ کي ملازمت تي رکي ٿو يا ڪنهن نابالغ کي ذيلي دفعه (2)3 جي گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪندي ڪم جي اجازت ڏئي ٿو اهو قيد جي سزا جو مستحق هوندو، جنهن جو مدو هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ سان گڏ جيڪو پنجهتر هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.
(3)جيڪو به، جنهن دفعه 3 تحت ڪو ڏوهه ڪيو هجي، يا ان کانپوءِ ان جهڙو ڪو ڏوهه ڪري، اهو قيد جي سزا جو مستحق هوندو، جنهن جو مدو هڪ سال کان گهٽ نه هوندو پر اهو پندرنهن سالن تائين وڌي سگهي ٿو.
(4)جيڪو به:
(a)دفعه 9 تحت طلب ڪيل نوٽيس ڏيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو؛ يا
(b)رجسٽر ڻاهڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو جيئن دفعه 11 تحت طلب ڪيو ويو آهي يا اهڙي رجسٽر ۾ ڪا غلط داخلا ڪري ٿو؛
(c)جاچ لاءِ رڪارڊ مهيا ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو؛

(d)نوٽيس لڳائڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو؛ يا

(e)هن ايڪٽ تي عمل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا هن ايڪٽ جي ڪن گنجائشن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو يا ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو، اهو سادي قيد جو مستحق هوندو جيڪا هڪ مهيني تائين وڌي سگهي ٿي ۽ ڏنڊ جيڪو ڏهه هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

**ڏوهه جو تيڻ**
**Abetment to an offence**

15.(1)جيڪو به هن ايڪٽ تحت سزا جوڳو ڪو ڏوهه ڪري ٿو پوءِ ڏوهه ڪيو هجي يا نه، ان کي ساڳي سزا ڏني ويندي جيڪا ڏوهه ڪرڻ لاءِ فراهم ڪيل آهي.

وضاحت: هن دفعه جي مقصد لاءِ "ابيٽمينٽ" کي ساڳي معنيٰ آهي جيئن ان کي پاڪستان پينل ڪوڊ (1860 جي XLV) ۾ ڏنل آهي.

**ڏنڊن جي سلسلي ۾ مخصوص قانونن جو ترتيب ڏنل نفاذ**
**Modified Application of Certain Laws in Relation to Penalties**

16.(1) جتي ڪو شخص ڏوهي ثابت ٿو ٿئي ۽ ذيلي دفعه (2) ۾ ڄاڻايل ٻارن ۽ نابالغن سان لاڳاپيل گنجائشن جي ڀڃڪڙي ۾ ملوث هجي ته اهو هن ايڪٽ جي دفعه 15 جي ذيلي دفعات (1)، (2) ۽ (03) ۾ بيان ڪيل ڏنڊن جو مستحق هوندو ۽ نه ڪي ٻين لاڳاپيل قانونن جي.

(2)ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل گنجائشون اهي آهن جيڪي ٻارن ۽ نابالغن جي حوالي سان هيٺين قانونن ۾ گنجائشون آهن:

(a)ڪاٽن ايڪٽ، 1923

(b)سنڌ فيڪٽريز ايڪٽ، 2015

(c)سنڌ شاپس ۽ اسٽيبلشمينٽس ايڪٽ،2015

**ڏوهن بابت طريقيڪار**
**Procedure**

17.(1)ڪو شخص، پوليس آفيسر يا ليبر انسپيڪٽر ڪنهن مجاز دائره اختيار رکندڙ ڪورٽ ۾ هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڏوهه ٿيڻ بابت شڪايت داخل ڪري سگهي ٿو.

relating to offences

(2)نابالغ جي عمر بابت هر سرٽيفڪيٽ جيڪو ڇاڻايل ميڊيڪل اٿارٽي طرفان منظور ڪيو ويو آهي، هن ايڪٽ جي مقصد لاءِ نابالغ جي عمر جي ثابتي لاءِ ڪافي هوندو، جنهن سان اهو لاڳاپيل هوندو.

(3)ليبر ڪورٽ ڪانسواءِ ڪا بہ عدالت سنڌ انڊسٽريل ايڪٽ، 2013 تحت هن ايڪٽ موجب ڪنهن ڏوهہ تي ڪارروائي نہ ڪندي.

انسپيڪٽرز جي مقرري

Appointment of Inspectors

18.حڪومت هن ايڪٽ جي ڪنهن يا سمورين گنجائشن تي عملدرآمد جي مقصد لاءِ انسپيڪٽرز مقرر ۽ نوٽيفاءِ ڪري سگهي ٿي مخصوص علائقن ۾ ۽ اهڙيءَ ريت مقرر ڪيل ۽ نوٽيفائيڊ ڪيل ڪو بہ انسپيڪٽر پاڪستان پينل ڪوڊ جي مقصد موجب پبلڪ سرونٽ سمجهيو ويندو.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

19.حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ۽ گذريل اشاعت جي شرطن موجب هن ايڪٽ جي گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

منع نہ ڪيل قانونن جون ڪجهہ ٻيون گنجائشون

Certain other provisions of la not barred

20.(1) هن ايڪٽ جي دفعات 14 ۽ 16 کان مٿي شامل گنجائشن موجب ۽ ان سلسلي ۾ جوڙيل قاعدن موجب، جيڪي اضافي هوندا ۽ تڪراءَ ۾ نہ هوندا مائينس ايڪٽ، 1923، سنڌ فيڪٽريز ايڪٽ، 2015، سنڌ چلڊرن ايڪٽ، 1955 ۽ سنڌ شاپس اينڊ اسٽيبلشمينٽ ايڪٽ، 2015 جي.

(2)"ٻار" ۽ "نابالغ" جون وصفون ٻين سمورن قانونن ۾ هن ايڪٽ جي دفعہ (2) جي وصفن تحت ملازمت ۽ ٻين لاڳاپيل مقصدن لاءِ ترميم ڪيون وينديون.

| | |
|---|---|
| 21.جيڪڏهن هن ايڪٽ جي گنجائشن کي لاڳو ڪرڻ ۾ ڪا رنڊڪ پيش اچي ٿي تہ حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ شايع ٿيل حڪم ذريعي اهڙيون گنجائشون جوڙي سگهي ٿي جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ نہ اچن ۽ اهڙي رنڊڪ کي هٽائڻ جي مقصد لاءِ ضروري هجن.<br>بشرطيڪ هن ايڪٽ جي گورنر کان منظوري جي ٻن سالن جو عرصو مڪمل ٿيڻ کانپوءِ اهڙو ڪو بہ حڪم جاري نہ ڪيو ويندو.<br>(2)هن دفعہ تحت جاري ڪيل هر حڪم، ان جي جاري ٿيڻ کان جيترو جلد ٿي سگهي، صوبائي اسيمبلي سامهون پيش ڪيو ويندو. | رنڊڪون هٽائڻ جو اختيار<br>Power to remove difficulties |
| 22.(1) اسٽيبلشمينٽ جو مالڪ جنهن ۾ ڪو نابالغ (16 سال عمر کان گهٽ) ڪم ڪري رهيو آهي، يا ڪو ٻار هنر سکي رهيو آهي، اها پڪ ڪرائيندو تہ نابالغ يا ٻار، جيئن معاملو هجي، لازمي اسڪول وڃي رهيو آهي جيئن اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 25A موجب گهربل آهي.<br>(2)مالڪ ڪاغذي ثابتي ڏيندو تہ نابالغ يا ٻار جي تعليم مجاز انسپيڪٽنگ اٿارٽي سامهون جاچ پڙتال لاءِ تيار آهي. | ٻار يا نابالغ جي تعليم جي حوالي سان قبضو رکندڙ جي ذميداري<br>Responsibility of the occupier towards education of child or adolescent |
| 23.جنس، مذهب، سياسي لاڳاپي، طبقي، رنگ، ذات پات، نسل، ايٿنڪ بيڪ گرائونڊ جي بنياد تي ڪا متييد نہ ڪئي ويندي ۽ هن ايڪٽ جي لاڳو ڪرڻ ۾ ڪي بہ مسئلا پيدا نہ ڪيا ويندا. | متييد خلاف تحفظ<br>Protection against discrimination |

| | |
|---|---|
| 24.(1)ٻارن جي ملازمت ايڪٽ، 1991 ڪي صوبي سنڌ ۾ نفاذ کان منسوخ ڪيو وڃي ٿو.<br>(2) اهڙي منسوخي ڪانپوءِ، جيڪڏهن ڪجهه ڪيو وڃي يا ڪو قدم کنيو وڃي يا اهڙيءَ ريت منسوخ ڪيل ايڪٽ تحت ڪجهه ڪرڻ جو ارادو ڪيو وڃي، جيڪو هن ايڪٽ جي گنجائشن سان تڪرار ۾ نه هجي، اهو هن ايڪٽ جي لاڳاپيل گنجائشن تحت ڪيل يا قدم کنيل سمجهيو ويندو.<br><br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** | منسوخ ۽ محفوظ<br>Repeal and Saving |